رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

# سيرتِ بابا فريد





پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي چڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**


رسالي جو نالو: سيرت بابا فريد رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

ڇاپو پهريون: ذو الحجۃ الحرام 1441ھ، آگسٽ 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبۃ المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن ڪي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريدڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبۃ المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# سيرتِ بابا فريد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## سيرتِ بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه


درود شريف جي فضيلت ........ 1
نمازي بنائڻ جو عجيب طريقو ........ 1
تعارف ........ 2
گنج شڪر چوڻ جو سبب ........ 2
نيڪ ماءُ جون برڪتون ........ 3
مُلتان شريف آمد ........ 4
ڏاڙهونءَ جي هڪ داڻي جو ڪمال ........ 4
جنتي داڻو ........ 5
برڪت جو مطلب ........ 5
ٿانوَ ڌوئي پيئڻ جا طبي فائدا ........ 6
مُريد ٿيڻ جو واقعو ........ 6
شيطان قابو نہ ڪري سگهندو ........ 9
شهرت کان نفرت ........ 10
جادوگر جي توبہ ........ 10
سجدن جي ڪثرت ........ 12
چار شيون ........ 12
مان جوڙڻ وارو آهيان ........ 12
هٿ چمڻ جي برڪت ........ 13
اميراهلسنت جي هٿ تي هڪ غير مسلم جو قبولِ اسلام ........ 14
اتباع شريعت جي تلقين ........ 15
آدابِ زندگي ........ 16
دل جي ٻاهر جاتي ورتي ........ 17
بيعت جو طريقيڪار ........ 17
سجدي جي حالت ۾ وصال شريف ........ 18
فريد الحق، حق سان وڃي مليا ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# سيرتِ بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي ته هيءُ نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ اُن کي بروز قيامت شهيدن سان گڏ رکندو.

(معجم اوسط ج 5 ص 252 حديث:7235 دارالڪتب العلميه بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نمازي بڻائڻ جو عجيب طريقو

هڪڙي نيڪ گهراڻي جي شريف ۽ سعادتمند ٻار کي ڪنڊ ننڍپڻ کان ڏاڍي پسند هئي. اُن جي والده ابتداء ۾ جڏهن ان کي نماز جي ترغيب ڏني ته فرمايو:”پٽ! نماز پڙهندو ڪر، هن سان الله پاڪ راضي ٿيندو آهي ۽ عبادت گذار ٻانهن کي انعامات سان نوازيندو آهي. تون نماز پڙهندين ته توکي ڪنڊ ملندي. اهو خوش نصيب ٻار جڏهن نماز ادا ڪندو هو ته ان جي والده مُصلّي جي هيٺيان ڪنڊ جي هڪ ٿيلهي رکي ڇڏيندي هئي. اهو ٻار پابنديءَ سان نماز پڙهندو هو ۽ نماز کان پوءِ ڪنڊ جي صورت ۾ پنهنجي پسنديده شيءِ حاصل ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس امڙ کان ڪم ڪار ۾ مصروفيت سبب مُصلّي هيٺيان ڪنڊ رکڻ وسري وئي. جڏهن اهو ٻار نماز کان فارغ

ٿيو ته امڙ پڇيس: پٽ! کنڊ ملي؟ سعادتمند پٽ عرض ڪيو: جي ها! مون کي هر نماز ڪانپوءِ کنڊ ملي ويندي آهي. اهو ٻُڌي سندس والده روئي ڏنو ۽ هن غيبي مدد تي دل ئي دل ۾ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. (محبوبِ الٰهي ص 52 ، فريد بڪ اسٽال لاهور، تذڪره اولياء پاڪستان ج 1 ص289، شبير برادرز لاهور، جواهر فريدي ص 298، مڪتبه بابا فريد پاڪپتن)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا اهو سعادتمند ۽ خوشنصيب نمازي "ٻار" ڪير هو؟ اهو مشهور الله جو ولي سلسلهءِ عاليه چشتيه جو عظيم پيشوا حضرت سيّدُنا بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو.

## تعارف

پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه 569 يا 571ھ بمطابق 1175ء ۾ ملتان جي ڳوٺ "ڪتوال" ۾ پيدا ٿيا. (سيرت اولياء، مترجم ص 159، لاهور، حيات گنج شڪر ص 258، اڪبر بڪ سيلرز لاهور) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اصل نالو "مسعود" آهي جڏهن ته "فريد الدين گنج شڪر" جي لقب سان مشهور آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نسبي سلسلو جنتي صحابي اميرالمؤمنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان وڃي ملي ٿو.

## گنج شڪر چوڻ جو سبب

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گنجِ شڪر چوڻ جا ڪيئي سبب مشهور آهن جن مان ٻه سبب ذڪر ڪجن ٿا! (1) ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي: حضرت شيخ فريد الحق والدين گنج شڪر رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه تي هڪ ڀيري 80 فاقا اچي چڪا هئا. نفس "اَلْجُوْعِ اَلْجُوْعِ" (هاءِ بُک، هاءِ بُک) پڪاري رهيو هو، ان کي وندرائڻ لاءِ ڪجهه پٿر ڪٽي وات ۾ وڌائين. وات ۾ وجهندي ئي کنڊ ٿي ويا. جيڪي پٿر وات ۾ وجهندا هئا کنڊ

ٻڌجي ويندا هئا انهيءَ ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”گنج شڪر“ جي لقب سان مشهور ٿيا. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 482، مڪتبة المدينه) (2) هڪ پيري ڪجھ بزنس مين (واپاري) اُنن تي کنڊ رکي وڃي رهيا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کان پڇيو: اُنن تي ڪهڙي شيءِ آهي؟ هڪ واپاري چيو: اُنن تي لوڻ رکيل آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اوهان چئو ٿا تہ لوڻ ئي هوندو. جڏهن قافلو پنهنجي مقامي هنڌ پهتو ۽ سامان کوليو تہ ان ۾ کنڊ جي بدران لوڻ نڪتو. اهو ڏسي واپاري سمجهي ويا تہ هي اسان جي ڪوڙ ڳالهائڻ جي نحُوست آهي، تنهنڪري پوئين پير موٽيا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: اسان کان غلطي ٿي وئي آهي، مُعافي ڏيو، دراصل انن تي لوڻ نہ بلڪ کنڊ هئي. اهو ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو تہ اوهان چئو ٿا تہ کنڊ ئي هوندي، واپارين واپس اچي ڏٺو تہ سجو لوڻ کنڊ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. (اخبارالاخيار ص 53 ملخصاً، فاروق اڪيڊمي خيرپور، خزينة الاصفياء ج2 ص116، مڪتبہ نبويہ لاهور، گلزارِ ابرار مترجم ص 49 ملخصا مڪتبہ سلطان عالمگير لاهور)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ماءُ جون برڪتون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ماءُ ٻارن لاءِ ڄڻ زمين وانگر حيثيت رکي ٿي. تنهنڪري گھرواريءَ جي پسند جي سلسلي ۾ مرد کي نهايت احتياط سان ڪم وٺڻ گھرجي جو ماءُ جون چڱيون يا بريون عادتون تمام اولاد ۾ بہ منتقل ٿينديون. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم فرمايو: ”ڪنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ جي لاءِ چار شين جو خيال رکيو ويندو آهي: (1) ان جو مال(2) حسب ونسب(3) حسن و جمال(4) دين.“ پوءِ فرمايائون:”توهان جو هٿ خاڪ ۾ ملي توهان ديندار

عورت جي حصول جي ڪوشش ڪيو.“ (بخاري ج3 ص429، حديث:5090، دارالكتب العلميه بيروت)

سلسلۂِ عاليہ چشتيہ جي ٽن عظيم پيشوا حضرت سيدنا خواجہ قطب الدّين بختيار ڪاڪي، حضرت بابا فريد الدين مسعود گنج شڪر ۽ حضرت سيّد محمد نظام الدين اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي ديني تربيت پنهنجي ماءُ جي ئي هٿان ٿئي. چوته هنن ٽنهي اولياءِ ڪرام جا پيئر ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُلتان شريف آمد

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 18 سال جي عمر ۾ ملتان تشريف وٺي آيا. جتي حضرت مولانا منهاج الدين ترمذي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مدرسي ۾ داخل ٿي قرآن وحديث، فقه ۽ ڪلام ۽ ٻين رائج علوم سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي تي به مهارت حاصل ڪئي. روزانو هڪ ختم قرآن ڪريم سندن جو معمول هو. ٿوري ئي وقت ۾ استاذ صاحب جي توجهه جا مرڪز بڻجي ويا.

## ڏاڙهونءَ جي هڪ داڻي جو ڪمال

حضرت سيدنا شيخ جلال الدين تبريزي سهروردي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن کي هڪ ڏاڙهون تحفي طور ڏنو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزي سان هئا تنهنڪري اهو ٻين ساٿين کائي ڇڏيو. افطاري کانپوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏاڙهون جي ڪل ۾ هڪ داڻو مليو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهو داڻو کاڌو ته ائين محسوس ٿيو جو روحانيت جي روشني سان ان جو وجود جڳمڳائڻ لڳو. بعد ۾ جڏهن بابا فريد اهو واقعو پنهنجي پير و مرشد حضرت سيّدنا خواجہ قطب الدين

بختيار ڪاڪي چشتي رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ کي ٻڌايو تہ انهن فرمايو: سڄي برڪت ۽ روحاني فيض انهيءَ هڪ داڻي ۾ هو. باقي ڏاڙهونءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. (محبوبِ الٰهي ص 53 بتصرف)

میں کیوں نہ فرید فرید کہوں، میں کیوں نہ تری چوکھٹ چوموں
ہے در تیرا جنت کا گھر آباد رہے تیرا پاکپتن

## جنتي داڻو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهون جي باري ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هر ڏاڙهونءَ ۾ هڪ جنتي داڻو هوندو آهي جيئن حضرت سيّدنا حميد بن جعفر رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ پنهنجي والد کان نقل ڪن ٿا تہ صحابي ابن صحابي حضرت سيّدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنھُمَا ڏاڙهون جو هڪ هڪ داڻو ڪري کائيندا هئا. ڪنهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: مون تائين خبر پهتي آهي تہ زمين ۾ ڪوبہ ڏاڙهونءَ جو وڻ اهڙو ناهي جنهن کي ميويدار ڪرڻ لاءِ ان ۾ جنتي ڏاڙهونءَ مان داڻو نہ وڌو ويندو هجي تہ ٿي سگهي ٿو هي اهو ئي داڻو هجي. (حلية الاولياء ج 1 ص398، دارالكتب العلميه بيروت)

## برڪت جو مطلب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! کائيندي وقت هن ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ کاڌي جو ذرڙو بہ ضايع نہ ٿئي. ٿي سگهي ٿو کاڌي جي سڄي برڪت انهيءَ هڪ گرهہ ۾ هجي جنهن کي ضايع ڪيو ويو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: **توهان نٿا ڄاڻو تہ کاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي.**

(مسلم شريف ص 1123 حديث:2034، ابن حزم بيروت)

حَافِظْ قَاضِي اَبُو اَلْفَضْل عِيَاض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **”توهان نتا ڄاڻو ته ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي.“** هن جي حقيقي معنيٰ ته الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. پر هتي برڪت مان مراد گهٽ ڪاڏي جو گهڻن ماڻهن کي ڪفايت ڪرڻ ۽ ان ڪاڏي جي ذريعي تقويٰ حاصل ٿيڻ آهي. جڏهن ته برڪت جي اصل ته ڪنهن شيء جو زياده ٿي وڃڻ ۽ ان ۾ ڪشادگي جو پيدا ٿيڻ آهي. (اکمال المعلم ج6 ص 501 تحت الحديث2032 بيروت)

## ٿانوَ ڌوئي پيئڻ جا طبي فائدا

اَلْحَمْدُ لِلّٰه ڪابہ سنت حڪمت کان خالي ناهي. جديد سائنس بہ هاڻي اعتراف ڪري ٿي تہ وٽامنز خاص طور”وٽامن بي ڪمپليڪس“ ڪاڏي جي مٿين حصي ۾ گهٽ ۽ ٿانو جي تهہ ۾ وڌيڪ هوندا آهن. پڻ غذا ۾ موجود معدني لوڻيات صرف ٿانو جي تهہ ۾ ئي هوندا آهن جيڪي ٿانو جي چٽڻ يا ڌوئي پيئڻ سان ڪيئي مرضن جي روڪٿام جو سبب بڻبا آهن. (فيضان سنت جلد اوّل ص 278، مڪتبة المدينه) (ڪاڏو کائڻ جون سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ڪتاب **”آدابِ طعام“** ۽ رسالو**”کائڻ جو اسلامي طريقو“** جو مطالعو ڪيو)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُريد ٿيڻ جو واقعو

**اي عاشقانِ بابا فريد!** دورانِ طالبِ علمي حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد ۾ تشريف وٺي ايندا هئا ۽ ڪعبي ڏانهن منهن ڪري ويهي سبق ياد ڪندا هئا. هڪ ڀيري سُلطان المشائخ حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملتان ۾ انهيء مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيا. حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

عادت مطابق مطالعي ۾ مصروف هئا تہ هڪ خوشگوار احساس پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي نظر کڻڻ تي مجبور ڪيو. نگاهہ کڻڻ جي دير هئي جو هڪ ڪامل ولي جي روشن ۽ نوراني چهري جي زيارت سان اکيون ٺڏيون ٿيڻ لڳيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بي اختيار ٿي احترام طور اٿي بيٺا ۽ ويجهو اچي گوڏن ڀر ويهي رهيا. حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (نفل نماز **تحية المسجد** کان فارغ ٿي پڇيائون: ڇا پڙهي رهيا آهيو؟ عرض ڪيو: فقہ جي ڪتاب "النّافِع" آهي، فرمايو: ڇا اوهان کي خبر آهي تہ هن ڪتاب مان نفعو ملندو؟ عرض ڪيو: **حضور!** نفعو تہ اوهان جي نظرِ ڪرم سان ملندو. جواب ٻڌي حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏاڍو خوش ٿيا ۽ شفقت فرمائيندي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي مريدن ۾ شامل فرمائي ورتو. جڏهن حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملتان شريف کان روانا ٿيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پويان هلڻ لڳا اهو ڏسي حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: پهريان چڱي طرح علمِ دين حاصل ڪيو پوءِ مون وٽ دهلي هليو اچجان ڇوتہ بي علم زاهد شيطان جو رانديڪو هوندو آهي.

(سيرت الاولياء مترجم ص 121، خزينة الاصفياء ج2 ص 110)

**الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سہرے کی رنگت اجمیری، ہیں نور کے تارے ہجویری
مخدوم و نظام پڑھیں مل کر آباد رہے تیرا پاکپتن

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** علمِ دين حاصل ڪرڻ تمام افضل عبادت آهي. علم جي روشني سان جهالت ۽ گمراهي جي انڌيرن کان نجات ملندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو علمِ دين جي تلاش ۾ ڪنهن رستي تي هلندو آهي ته الله پاڪ ان جي لاءِ جنت جو رستو آسان فرمائيندو آهي ۽ بيشڪ ملائڪ طالبِ علم جي عمل کان خوش ٿي ان جي لاءِ پَرَ وڇائيندا آهن ۽ بيشڪ زمين و آسمان ۾ رهڻ وارا ايسيتائين جو پاڻي ۾ مڇيون عالمِ دين جي لاءِ استغفار ڪنديون آهن ۽ عالم جي عابد تي فضيلت ائين آهي جيئن چوڏهين رات جي چنڊ جي ٻين تارن تي ۽ بيشڪ عالم انبياء جا وارث آهن.

(ابن ماجه ج 1 ص 145 حديث: 223، دارالمعرفة بيروت)

**اي عاشقانِ بابا فريد!** علمِ دين حاصل ڪرڻ جي بهترين ذريعن مان ”عاشقانِ رسول سان گڏ سنتون سکڻ جي لاءِ مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻ ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتب و رسائل جو مطالعو ڪرڻ به آهي. **اچو!** دعوتِ اسلامي جي هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا: فيصل آباد جو هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ فيشن جو تمام گهڻو شوقين هو، جڏهن به مارڪيٽ ۾ نئين فيشن جي پينٽ شرٽ ايندي هئي ته اها خريدي وٺندو هو. دنيا جي رنگينن ۾ ائين گم ٿي چڪو هو جو نماز پڙهڻ تي به دل نہ ڪندي هيس، سندن والده فجر جي نماز لاءِ جاڳائيندي هئي ته **”سپاٽي ڪان پڙهندس، هن جمعي ڪان نمازون پڙهڻ شروع ڪندس“** وغيره چئي ٽاري ڇڏيندو هو. ان جو وڏو ڀاءُ جيڪو ڪاليج ۾ پڙهندو هيو، اهو خوش قسمتي سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو جنهن جا اثرات گهر تائين به پهتا. وڏو ڀاءُ هڪ

ڏينهن سنتن ڀري اجتماع کان واپس موٽيو ته مکتبة المدينه جا ڪجھ رسالا ونئي آيو، جڏهن ننڍي ڀاءُ اهي رسالا پڙهيا ته ان جي دل تي اثر ٿيو ته هاڻي مون کي به دعوتِ اسلامي وارو ٻڌجڻو آهي جيئن ته دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيا جتي ان بيان **”ڪارا وچون“** ٻڌو. ته ان روئي روئي توبه ڪئي ۽ ڏاڙهي شريف چهري تي سجائڻ شروع ڪئي. اهو غوثِ پاڪ جو مريد به ٿيو ۽ دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪندي ڪندي درسِ نظامي ۾ داخلا به ورتي ۽ **”وڪلا مجلس“** جو صوبائي ذميدار به ٿيو.

(فيضان نماز ص 97، مکتبة المدينه)

علم حاصل کرو جہل زائل کرو　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان قابو نـہ ڪري سگھندو

حضرت سيّدُنا بابا فريد گنج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن بغداد حاضر ٿيا ته پندرهن ڏينهن حضرت سيّدُنا شهاب الدين عمر سهروردي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صحبت بابرڪت ۾ رهيا جڏهن اُتان کان روانا ٿيڻ لڳا ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هٿن سان لکيل ڪتاب **”عوارف المعارف“** ڏيندي ارشاد فرمايو: شيطان توکي قابو نه ڪري سگھندو.

(انوار الفريد، ص 326، زاويه پبليشر لاهور)

یوں بابا تری بارات سجی، پیچھے ہیں ولی آگے ہیں نبی
نبیوں کے نبی بھی تیرے گھر آباد رہے تیرا پاکپتن

صَـلُّوْا عَـلَی الْـحَبِیْـب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَـمَّد

## شهرت کان نفرت

حضرت بابا فريد الدين گج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هک پيرو دهلي ۾ مولانا بدرالدين غزنوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ خطاب ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويا پر جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف ڪجھ تعريفي ڪلمات سان ڪرايو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فوري طور اُتان ڪان واپس تشريف وٺي آيا ۽ وري ڪڏهن به انهن جي بيان جي محفل ۾ نه ويا.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو — کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی

صَـلُّوْا عَـلَی الْـحَبِیْـب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَـمَّد

## جادوگر جي توبہ

حضرت بابا فريد گنج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پاڪپتن ۾ رهائش ڪرڻ جي شروعاتي ڏهاڙن جو واقعو آهي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهنگل ۾ تشريف فرما هئا. هک پوڙهي عورت مٽي تي کير جي ديگڙي ڪنيو پئي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ڪان پڇيو: امڙ ڪٿان ڪان پئي اچين؟ ۽ ڪيڏانهن پئي وڃين؟ مٽي تي ڇا اٿوَ؟ ان روئندي چيو: اي الله جا نيک بانها! هن ڳوٺ ۾ هڪڙو جادوگر آهي جيڪو غريبن تي ڏاڍو ظلم ٿو ڪري. جيڪو ان جي ڳالھ نٿو مڃي ان کي پريشان ڪري سخت نقصان ٿو رسائي. جنهن ڪان جيڪو چاهي ٿو پنهنجي ساٿين ذريعي گهرائي ٿو ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي. هيءُ کير انهيءَ جي حڪم سان وٺيو پئي وڃان. جيڪڏهن نه ويندس ته منهنجي گهر ۾ جيڪو کير آهي اهو خون ۾ تبديل ٿي ويندو. هن گفتگو جي ڪري جيڪا دير ٿي وئي آهي نه ڄاڻ ان جي ڪهڙي سزا ملندي. جادوگر جي ظلم جي

ڪھاڻي ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان خاتون کي تسلي ڏيندي فرمايو: ويھي رھو! گھبرائڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانھي، ھيءُ ڪير خوشي سان فقيرن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو، اوھان جو ڪوئي ڪجھ نٿو بگاڙي سگھي. انھيءَ دوران جادوگر جي ھڪ ساٿي جو اتان ڪان گذر ٿيو ۽ ان پوڙھي کي ڇڙٻڻ چاھيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي طرف ڏسي فرمايو: خاموشي سان ويھي رھ. اھو جيئن ئي وينو ان جي زبان بند ٿي وئي. ايتري ۾ ٻيو ساٿي اچي پھتو. اھو بہ خاموش ٿي ويھي رھيو. اھڙي طرح سيئي ساٿي ايندا ويا ۽ ويھندا ويا. جيڪڏھن ڪنھن شخص اٿڻ چاھيو پيئي تہ اٿي نہ پيئي سگھيو. ايتري ۾ جادوگر بہ اچي پھتو. پنھنجي شاگردن جي بي وسي ڏسي ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ جادوءَ جي ذريعي انھن کي ڇڏرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو مگر ڪجھ نہ ڪري سگھيو. جڏھن ان جو ڪوبہ جادو نہ ھلي سگھيو تہ آخرڪار مجبور ٿي عاجزي سان چوڻ لڳو: حضرت! منھنجي شاگردن کي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ھڪ شرط تي ڇڏيندس، اھا ھي تہ ھن شھر مان ھليو وڃ ۽ ڪڏھن اھڙي ظلم و ستم وارين حرڪتن جو ارادو بہ نہ ڪجان. جادوگر شرط مڃي ورتي ۽ انھيءَ وقت سڄو سامان کڻي پاڪپتن شريف مان ھليو ويو. اھڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرامت سان جادوگر جي ظلم و ستم ڪان پاڪپتن شريف جي رھاڪن کي نجات ملي. (سيرت الاقطاب مترجم ص 190 ملخصاً، خزينۃ الاصفياء ج2 ص 119، محبوب الٰھي ص 61، وغيره، بتغير)

منگتوں پہ نظر یا گنج شکر آباد رہے تیرا پاکپتن
اے خواجہ قطب کے نورِ نظر آباد رہے تیرا پاکپتن

تری دید کو اپنی عید کہیں، سب تجھ کو فرید فرید کہیں
دیتے ہیں صدا خواجہ کلیر آباد رہے تیرا پاکپتن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سجدن جي ڪثرت

حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي بعض اوقات اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ هڪ ڏيهن ۾ هزار سجدا ڪندا هئا. (هشت بشت مترجم، افضل الفوائد ص 497 ملخصاً شبير برادرز لاهور)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت سختي سان جماعت جي پابندي فرمائيندا هئا ۽ پنهنجي مريدن کي بہ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي تلقين و نصيحت فرمائيندا هئا. (انوارالفريد ص 349 کان 351)

## چار شيون

حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو ارشاد فرمايو: جيڪو شخص چار شين کان پڇندو آهي ان کان چار شيون پري ڪيون وينديون آهن: جيڪو زڪوٰة ناهي ڏيندو ان کي مال کان محروم ڪيو ويندو آهي. جيڪو صدقو ۽ قرباني ناهي ڪندو ان کان آرام کسيو ويندو آهي. جيڪو نماز ناهي پڙهندو مرندي وقت ان جو ايمان کسيو ويندو آهي ۽ جيڪو دعا ناهي ڪندو الله پاڪ ان جي دعا قبول ناهي ڪندو. (هشت بشت، راحت القلوب ص 220))

## ماں جوڙن وارو آهيان

هڪ ڀيرو حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ مُحِب تحفي طور ڪينچي پيش ڪئي تہ پاڻ سمجهاڻي طور ارشاد فرمايو: مون کي ڪينچي نہ ڏيو، مان ڪپڻ وارو ناهيان بلڪ مون کي سوئي ڏيو چوتہ مان جوڙڻ وارن مان آهيان. (بابا فريد گنج شڪر ص 51)

## هٿ چمڻ جي برڪت

هڪ ڀيرو بيان جي دوران **حضرتِ** سيّدنا بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڪيئي گناهگار قيامت جي ڏينهن بزرگ سڳورن جا هٿ چمڻ جي برڪت سان بخشيا ويندا ۽ دوزخ جي عذاب کان نجات حاصل ڪندا. پوءِ ارشاد فرمايو: هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ان جي وفات کانپوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ چيائين: دنيا جو هر چڱو ۽ برو عمل منهنجي سامهون رکيو ويو، ڳالھ ايسيتائين پهتي جو حڪم ٿيو: هن کي دوزخ ۾ وٺي وڃو، ان حڪم تي عمل ٿيڻ وارو ئي هو تہ فرمان جاري ٿيو: بيهو! هڪ ڀيرو هن دمشق جي جامع مسجد ۾ حضرت خواجہ سيّد شريف زنداني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هٿ چميو هو. ان هٿ چمڻ جي برڪت سان اسان هن کي مُعاف ڪيو.

(هشت بهشت مترجم، اسرار الاولياء ص382)

سبحٰن الله! هنن الله وارن جي پاڪيزه ۽ بابرڪت صحبت جي ڇا ڳالھ ڪجي جنهن جي برڪت سان نہ صرف دنيا سنورجي ٿي بلڪ آخرت بہ سنورجي ويندي آهي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي اولياءِ ڪرام جي خاص فيضان سان مالامال فرمائي.

## اميراهلسنت جي هٿ تي هڪ غير مسلم جو قبولِ اسلام

1406سن هجري ۾ امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة پنجاب جي مدني دوري تي هئا تہ ساهيوال ۾ هڪ دهريو (Atheist) سندن کان ملڻ جي لاءِ آيو. اهو پنهنجي عقائد و نظريات ۾ گهڻو مضبوط هو تنهنڪري بحث ڪرڻ بدران اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة هن اميد تي ان کي گهڻي محبت و شفقت سان نوازيو تہ ٿي سگهي ٿو حسنِ اخلاق سان متاثر ٿي اهو پنهنجي ڪوڙي مذهب کان توبہ ڪري. اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة کي پاڪپتن شريف ۾ منعقد ٿيڻ واري محفل ۾ بيان ڪرڻو هو، تنهنڪري اهو بہ اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. بس جي ذريعي پاڪپتن شريف پهچڻ کانپوءِ اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة حضرت بابا فريدالدين گنجِ شڪر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزار پُرانوار تي حاضري ڏني. اهو دهريو (غيرمُسلم) بہ ڪائنس گڏ هو. رات جي وقت محفل ۾ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة پنهنجي مخصوص انداز سان دعا ڪرائي تہ محفل ۾ موجود حاضرين زارو قطار روئڻ لڳا. دورانِ دعا اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة روئي روئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان جي هدايت جي لاءِ دعا ڪئي. جڏهن دُعا ختم ٿي تہ ان دهريئي (Atheist) پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جن کي وڏي عقيدت جو مظاهرو ڪندي عرض ڪيو: دورانِ دُعا هڪ اڻڄاڻ خوف سبب منهنجو تہ جسم ڪانڊارجي ويو، هاڻي مون توبہ ڪري ورتي آهي. پوءِ ان (دهريئي) پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جي مبارڪ هٿ تي دهريت (Ateisme) کان توبہ

ڪئي ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو ۽ سندن جي ذريعي سان حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي غلامي جو پٽو بہ پنهنجي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو. (انفرادي ڪوشش ص101 مكتبة المدينه)

## اتباع شريعت جي تلقين

حضرت بابا فريدُالدين گنج شڪر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه پنهنجي خليفن ۽ مريدن کي وقت بہ وقت شريعت جي پابندي جي تلقين ڪندا هئا تہ پنهنجي زبان ۽ هٿ سان ڪنهن کي نہ ستايو، نہ ڪنهن کي برو پلو چئو، پنهنجي ظاهر کي محفوظ رکجو، اکين ۽ زُبان جي حفاظت ڪجو ۽ انهن کي رضاءِ اِلٰهي ۾ مصروف رکجو، ياد اِلٰهي کي دل ۾ سمائجو. ذڪر و تلاوت سان هميشہ پنهنجي زُبان تَر (آلي) رکجو ۽ شيطاني وسوسن کان دل کي بچائي رکجو. (شهنشاهِ ولايت حضرت گنج شڪر ص31)

**اي عاشقانِ بابا فريد!** حضرت بابا فريدالدين گنج شڪر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه پنهنجي چاهيندڙن ۽ مريدن کي جن نيڪ ڪمن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا هئا الحمدللّٰه! اهي ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيئي نيڪ ڪم آهن جيڪي هن دور ۾ اميرِاهلسنت مدني انعامات جي اندر لکي هن امّت کي هڪ عظيم الشان تحفي جي صورت ۾ عطا فرمايا آهن.

روزانو پنهنجو محاسبو ڪري هراسلامي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجو مدني انعامات جو رسالو پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

جیہڑا رستہ نبیاں ولیاں دا وہ ہی رستہ میرے مرشد دا

اِس رستے تے میرا وہ سر ہووے میرے پیر دی ہر دم خیر ہووے

## آدابِ زندگي

**حضرت بابا فريد گنج شڪر** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هميشہ گوڏن پر ويهندا هئا، جيڪڏهن ٽڪجي پوندا ها يا ڪجهه تڪليف محسوس ٿيندي هئي تہ ٻئي گوڏا بيهاري پيڏين جي چؤطرف ٻنهي هٿن جو حلقو ٺاهي هڪ هٿ سان ٻيو هٿ پڪڙيندا ها ۽ مٿو مبارڪ گوڏن تي رکندا ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صاف سٿرو رهڻ پسند فرمائيندا ها اهو ئي سبب آهي جو هر روز غسل ڪرڻ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي معمول ۾ شامل هو.
(انوارالفريد، ص 139)

مری ہر ہر ادا سے یا نبی سنّت جھلکتی ہو
جدھر جاؤں شہا خوشبو وہاں تیری مہکتی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عبادت

حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عشاء جي نماز پڙهي سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهندا ها، رمضان المبارڪ ۾ روزانو رات جو ٻہ ڀيرا قرآن ڪريم ختم ڪندا ها. (هشت بهشت مترجم، افضل الفوائد، ص645)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تحديثِ نعمت (يعني الله پاڪ جي نعمت مشهور ڪرڻ جي نيت سان) خود ارشاد فرمائيندا هئا: مان 30 سال تائين ايتري قدر مجاهدات ۾ مشغول رهيس جو نہ ڏينهن کي ڏينهن سمجهيو، نہ رات کي رات، سڄو ڏينهن تلاوتِ قرآن سان پنهنجي زبان تر رکندو هيس جڏهن تہ سڄي رات بارگاهِ اِلٰهي ۾ دعا ڪندو هيس ۽ نوافل و عبادت ۾ مصروف رهندو هيس. (سوانح بابافريد گنج شڪر ص 38)

تلاوت کا جذبہ عطا کر الٰہی　　مُعاف فرما میری خطا ہر الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دل جي ٻاٽالهه جاڻي ورتي

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شروع ۾ صوم داؤدي (يعني هڪ ڏينهن ڇڏي روزو) رکندا هئا، هڪ ڏينهن حضرت شيخ علي ميرتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا، ڪاڏو ڪائيندي وقت دل ۾ خيال آيو جيڪڏهن حضرت بابا فريد گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو روزو رکن ها ته ڪيترو نه چڱو هو، حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه باطني نور سان اها ڳالهه ڄاڻي ورتي، تنهنڪري فرمايائون: اڄ ڪان واعدو ڪريان ٿو ته هميشه روزو رکندس، پوءِ پنهنجي هن واعدي تي آخري عمر تائين قائم به رهيا. (سوانح بابا فريد گنج شڪر39)

احکامِ شَرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق　　پیکر خلوص کا بنا یا ربِّ مصطفٰے

## بيعت جو طريقيڪار

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نيڪي جي دعوت جو انداز ديني تربيت سان هوندو هو، شريعت جي خلاف ورزي تورِي به برداشت ڪونه ڪندا هئا، ارڪانِ اسلام جي پابنديءَ تي تمام گهڻو زور ڏيندا هئا ۽ مريد ڪندي وقت هر هڪ ڪان اهو واعدو وٺندا هئا ته ”مان الله پاڪ ڪان عهد ڪريان ٿو ته پنهنجي هٿن، پيرن ۽ اکين کي خلافِ شريعت ڳالهين ڪان بچائيندس ۽ احڪامِ شريعت تي عمل ڪندس.“ اِنْ شَآءَاللّٰه

(حيات گنج شڪر ص 476)

## سجدي جي حالت ۾ وصال شريف

شعبان المعظم663 هجري بمطابق مئي 1265 عيسوي ۾ حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بيماري شدّت اختيار ڪئي. سخت تڪليف ۾ به پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نماز باجماعت ئي پڙهندا رهيا. 4 محرم الحرام تي صبح کان ئي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي پنج پيرا ختمِ قرآن فرمايو، 5 محرم الحرام 664 هجري بمطابق 17 آڪٽوبر 1265 عيسوي تي ڏهه وڳي تائين پنج پيرا قرآنِ ڪريم جي تلاوت فرمائي ان کان پوءِ ذڪر و اذڪار ۾ مشغول ٿي ويا. ڪجهه دير کانپوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪمري مان آواز آيو ته هاڻي دوست جو دوست سان ملڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي، ماڻهو اندر اچي ويا. عشاء جي نماز باجماعت ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ بيهوش ٿي ويا، هوش آيو ته پڇيو: ڇا عشاء جي نماز پڙهي چڪو آهيان عرض ڪيو ويو: جي ها، پوءِ ٻه رڪعت نفل جي نيّت ڪئي. پهرين رڪعت جي سجدي ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو روح جسم کان جدا ٿي ويو. پوءِ آواز آيو جنهن ڪي سيني ماڻهن ٻڌو ته سچي زمين تي امانت هئي سا اللّٰه جي سپرد ٿي. وصال شريف جي خبر عام ٿي ته هڪ شور مچي ويو، ايترا ماڻهو جمع ٿيا جو جنازي جو انتظام شهر کان ٻاهر ڪرڻو پيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي جنازي جي نماز بدرالدين اسحاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پڙهائي جيڪو ساڻس خليفو هو پوءِ جنازو شهر ۾ آندو ويو.

## فريد الحق، حق سان وڃي مليا

حضرت خواجه نظام الدين اولياء رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنهن رات حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو وصال ٿيو، هڪ بزرگ خواب

۾ ڏٺو تہ آسمان جا دروازا کُليا آهن ۽ هي آواز اچي رهيو آهي: ”خواجہ فريد الحق حق سان وڃي مليا ۽ الله پاڪ سندن ڪان خوش آهي.“ **الله ربّ العزت جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ہو خیر غریب نوازی کی، بھر و جھولی غریب نیازی کی
ہوتی ہے یہیں منگتوں کی گزر آباد رہے تیرا پاکپتن

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net